الطاف حسين جوکيو

# رسم الخط جي معنيٰ، مفهوم ۽ دائرو

# CONNOTATION AND SCOPE OF TERM SCRIPT


## ABSTRACT

There is a difference among the terms of language such as: Sound, Grapheme, Script, Alphabet and Orthography; off course, these are interconnected with one another. So, the majority of students of language and common readers are confounded in this regard, and can't differentiate. Hence, the term 'Script' is studied here to describe its domain.

The 'Script' deals with the shape of letter, its different forms, direction and style of writing.

The synonym of Script in Hindi is 'lipi' and in Arabic-Sindhi is 'Rasmul Khat', but its scope in English language is broad.

Majority of writers use the word Script in the sense of Alphabet, but it should be noted that Alphabet means sequence of letters/ graphemes; however, the area of Script is interconnected with manner of letter written in combined or separated form and colloquial direction.

Out of this spade work following seven points have been obtained:

1. For same language different script
2. According to same script the different structure of letters
3. In the same region for the same letter different phonetical sounds
4. In the same script for the same letters different style of writing
5. In the script either to write joint letters or to write them in separate form or use both of them simultaneously
6. In each script different forms of letters
7. According to calligraphy the arrangement of letters can be called as script.

### 1.1. مسئلي جو بيان

عام طور تي رسم الخط جي مفهوم ۾ اسان جو طالب علم واضح نہ هوندو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ الف- بي جي ترتيب/ آئيويٽا لاءِ بہ مذڪوره اصطلاح ڪم آندو ويندو آهي. اسان جي عالمن جا ڄاڻايل مختلف دائرا بہ مونجهاري جو سبب بڻبا آهن، ان صورت ۾ مٿين عالمن جي ويچارن کي سامهون رکي رسم الخط جي دائري جو اڀياس ڪجي ٿو.

هن پوري ڀاڱي جي اڀياس لاءِ هيٺيان تحقيقي سوال ۽ طريقيڪار جي رٿا ڪئي وئي آهي:

### 1.2. اڀياس جا سوال

- ? رسم الخط جي معنيٰ ۽ مفهوم ڇا آهي؟
- ? ڇا رسم الخط، لِپي ۽ Script جي دائرن ۾ لچڪ/ اصولي فرق آهي؟
- ? ڇا رسم الخط جو سڌو سنئون تعلق آواز/ ٻوليءَ سان آهي يا اکر/ صورتخطيءَ سان؟
- ? ڇا رسم الخط جو دائرو، اکر، آئيويٽا ۽ صورتخطيءَ کان الڳ آهي؟
- ? ڇا ساڳي رسم الخط جا نمونا/ ڍنگ الڳ اسمن سان سڏبا آهن؟
- ? ڇا ڪنهن رسم الخط کي پنهنجائڻ لاءِ ان ۾ اتفاقي ردوبدل جو اختيار رهندو آهي؟

### 1.3. طريقيڪار

- مٿين سوالن جي روشنيءَ ۾ رسم الخط جي معنيٰ ۽ مفهوم لاءِ لغوي اکيڙ ڪئي ويندي؛
- رسم الخط بابت عالمن جي راين کي سامهون رکيو ويندو؛
- عالمن جي راين مان اخذ ڪيل نڪتن جو اڀياس ڪيو ويندو؛
- آخر ۾ اڀياس جو اختصار/ حاصل مطلب ڏنو ويندو؛

#### 1.3.1. رسم الخط جي لغوي اکيڙ ۽ مفهوم

رسم الخطّ اصطلاح، ٻن عربي لفظن جو مرڪب آهي: رسم = رواج + خطّ = لکڻ؛ يعني مروج لکڻ جو انداز يا ڍنگ. هن اصطلاح ۾ اکر جي شڪل ۽ لکت جي رخ وارو انداز شامل ڪري سگهجي ٿو. سنڌي ٻولي توڙي هندي ٻولين ۾ ان اصطلاح لاءِ 'لِپي' لفظ ڪم آندو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ پڻ 'لکڻ جي پيرَ' جي آهي. انگريزيءَ ۾ ان اصطلاح لاءِ Script جو لفظ ڪم اچي ٿو، جيڪو سماجي ٻوليءَ جي لحاظ کان ڪافي معنائن ۾ ڪم اچي ٿو.

هن لفظ جو اشتقاق هن ريت ڏجي ٿو:

- رسم الخطّ: [رَسْم بروزن فَعَل (رَسَمَ = هن نشان ڇڏيا- هن لکيو) نشان- رواج- هلي چلي- ريت- دستور + خطّ (خَطَّ = هن ليک ڪڍي- هن نشان لڳايو)] رواج ۾ آندل لکت- لکت جو انداز- لکت جو پير- عام قبوليت جو درجو رکندڙ لکڻ جو ڍنگ.

سنڌي ٻوليءَ ۾ مذڪوره لفظ لاءِ ’لِپي‘ پڻ ڪم آندو ويندو آهي، جنهن جي لغوي معنىٰ هن ريت سامهون اچي ٿي:

- ✓ تحقيق لغات سنڌي موجب: (سن. لِپي. لِپ = ليپڻ) لکڻ؛ الف- بي، آئيوٽا. (سنديلو، 1980: 237)
- ✓ جامع سنڌي لغات موجب: لَپي ج لَپِيُون (سن. لِپ يا لِپي = ٻولي) ٻولي- زبان. اکرن لکڻ جو نمونو. ... (بلوچ، 1988: 2486)
- ✓ سائل ڪوش موجب: لِپي: لکڻ جو طريقو. هٿ جي لکڻي. (سائل، 2009: 457)
- ✓ جان پليٽس موجب:
  - ✓ لِپي - लिपि/ लिपी - lipi - smearing, anoiuting, plastering, spreading over, painting, drawing, writing, handwriting, written characters, an alphabet, a written paper or book, a document, letter. (Platts, 2003: 950)

مختلف لغتن مان لفظ ’لِپي‘ جي بنيادي معنىٰ لِپ = ليپڻ، ليپو ڏيڻ مان ئي لڳي ٿي. ’جامع لغات سنڌيءَ‘ جي ڄاڻايل بنيادي معنىٰ پيرائتي ڪانهي. البته، ڊاڪٽر سنديلي صاحب ۽ جان پليٽس جي وضاحتن مان اهو ئي معلوم ٿئي ٿو ته مذڪوره لفظ جي بنيادي معنىٰ ’هٿ سان ليپو ڏيڻ‘، هٿ سان مٽيءَ جا ليڪا ڪڍڻ وغيره مان ئي لفظ ’لِپي‘ مستعمل ٿيو هوندو. البت، ڊاڪٽر سنديلي لپيءَ جي معنىٰ ۾ ’الف- بي‘ ۽ ’آئيوٽا‘ جا لفظ ڏنا آهن تن سان سهمت نه ٿو ٿجي؛ ڇاڪاڻ ته ڄاڻايل لفظن مان مراد ڪنهن رسم الخط جي ترتيب آهي. لغتن جي روشنيءَ ۾ مذڪوره لفظ جو اشتقاق ۽ معنىٰ هينئن ريت ڏئي سگهجي ٿي:

- لپِي: [سن. (لِپ/ ليپڻ) هٿ يا ڪنهن شيءِ سان ليپو ڏيڻ، ڇٽ ڪڍڻ، گلڪاري ڪرڻ، نشان لڳائڻ] لکڻ جو نمونو- اکرن بيهارڻ جو انداز- خوشخطيءَ جو ڍنگ- خطاطيءَ جو رواج- رسم الخط وغيره.

انگريزيءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظ ’Script‘، رسم الخط کان علاوه ٻين مرادن لاءِ پڻ ڪم آندو ويندو آهي؛ وڪيپيڊيا انسائيڪلوپيڊيا موجب مذڪوره لفظ هينئن معنائن ۾ ڪم ايندڙ آهي:

[Script word is from Latin *Scriptum* something written, from *scriber* to write.]

1. لکت جي معنيٰ ۾:

- Handwriting as distinguished from print, esp cursive writing.
- The letters, Characters, or Figures used in writing by hand.
- Any System or Style of writing.

2. ڇپائيءَ (*Printing*) جي معنيٰ ۾:

- A style of type that imitates handwriting.
- The matter set in this type.

3. ناٽڪ/ ڊراما جي مڪالمن جي لکت ۾:

- The text of a play, broadcast, or movie.
- A copy of a text used by a director or performer.

4. قانون ۽ ڪمپيوٽر سائنس لاءِ:

- *Law*. An original or principal document.
- A will or codicil or the draft for one.
- *Computer Science*. A simple program in a utility language or an application's proprietary language.

5. امتحاني ڪاپيءَ لاءِ:

- (Social Science/ Education) an answer paper in an examination.

### 1.3.2 ’رسم الخط‘ اصطلاح بابت عالمن جا ويچار

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب رسم الخط بابت ڇنڊڇاڻ ڪندي هن ريت ڏئي ٿو: ”رسم الخط (Script) ڪي هنديءَ ۾ لِپي به چئجي ٿو، ڇا ڪنهن ٻوليءَ ڪي مستقل طور تحرير ۾ آڻڻ لاءِ هڪ رسم الخط يا لپيءَ کي اختيار ڪجي؟ جواب يقيناً هاڪاري آهي. سنڌيءَ جي معاملي ۾ عربي يا ديوناگريءَ جي ڳالهه نڪتي ۽ تعليم کاتي جي وزارت 1851ع ۾ هڪ ڪميٽيءَ ۾ بحث ٿيو. سنڌ جي مزاح نگار حليم بروهيءَ ويهين صديءَ جي آخر ۾ رومن خط (Roman Script) جي تجويز به ڏني.“ (جوڻيجو، 2007: 38)

ڊاڪٽر جوڻيجي صاحب جي، لفظ ’رسم الخط‘ بابت ڇنڊڇاڻ ۾ ڪا خاص وضاحت ڪانهي؛ البته سندس خيال ’رسم الخط‘ بابت ٺيڪ آهي.

اصطلاح ’رسم الخط‘ بابت اردو ماهرن تو ٽي عام ماڻهوءَ جو تصور صاف نه هوندو آهي؛ ڊاڪٽر سهيل بخاري هن اصطلاح بابت ٻڌائي ٿو ته: ”رسم الخط مختلف آوازوں کی تحریری علامتوں یعنی حروف ہجا کا ایک نظام ہے۔“ (سہیل، 1988: 15) {رسم الخط،

مختلف آوازن جي تحريري نشانين يعني الف- بي جو هڪ نظام آهي.}

علامہ اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جي اردو ترجمي ۽ تدوين جي شعبي جي هڪ عالم بشير محمود اختر رسم الخط جي اصطلاح بابت ساڳيو خيال هڪ مقدمي ۾ هن ريت ڏنو آهي:

''کسی زبان کا رسم الخط اس کی وہ علامتیں ہوتی ہیں جو اظہار خیال کے لئے مقررہ طریقوں سے استعمال کی جاتی ہیں۔ یہ علامتیں حروف کی شکلوں میں جلوہ گر ہو کر زبان کی تحریری صورت متعین کرتی ہیں۔۔۔ گویا رسم الخط تحریری علامتوں کا ایک باقاعدہ نظام اور سلسلہ ہوتا ہے۔ اس نظام اور سلسلے میں ہر علامت زبان کی ایک اکائی کی مظہر بنتی ہے اور اس کی نمائندگی کرتی ہے۔'' (اختر،1989: 7- 13)

ڊاڪٽر سهيل بخاري ۽ بشير محمود اختر جي وضاحتن ۾ 'رسم الخط' جي مفهوم ۽ 'آئيوڳنا' جي مفهوم ۾ ڪو فرق ڪونهي. ٻنهي عالمن جي راءِ ۾ رسم الخط جي مراد 'اکرن جو ترتيبي نظام' آهي.

پروفيسر محمد سجاد مرزا جي رسم الخط بابت راءِ بيشڪ مناسب آهي، جنهن ۾ صاحب موصوف رسم الخط کي ترتيب کان آجو ڪري ٿو: هو صاحب لکي ٿو تہ:

''رسم الخط سے مطلب ایسی علامات سے ہیں جو انسان کسی مقررہ طریقے کے بموجب اپنے خیالات اور واقعات کے تحفظ اور ان کے اظہار اور ترسیل کے لئے استعمال کرتا ہے۔ رسم الخط کی نشو و نما کے لئے دو چیزیں ضروری ہیں، ایک اوزار دوسرے کوئی شے جس پر وہ کام دے سکے۔''

''رسم الخط یعنی مقررہ علامات کو تین عناصر متاثر کرتے رہتے ہیں۔ لکھنے والے کی ذاتی مہارت اور خصوصیات، اوزار کی نوعیت اور اس شے کی مادی حالت جس پر وہ علامات بنائی جائیں۔ ان تینوں عناصر کے اثرات کا باہمی تناسب یکساں نہیں رہتا، مگر بحیثیت مجموعی وہ رسم الخط یعنی علامات کی مقررہ یا اصلی ہیئت میں بہت کچھ کمی اور بیشی کرتے رہتے ہیں۔''(مرزا، 1989: 157-175)

پروفيسر سجاد جي راءِ ۾ رسم الخط جي عمل ۾ شامل وسيلن بابت بہ ڄاڻايو ويو آهي، جنهن ۾ ٻن شين جو ذڪر ڪيو ويو آهي، هڪ: اوزار (قلم) ۽ ٻيو جنهن شيءِ (ڪاغذ يا پٽي وغيره) تي ان جو ڪم ٿئي. جڏهن تہ ان ۾ لکندڙ جي ذاتي مهارت ۽ خاصيتن کي بہ اهم ڄاڻايو ويو آهي.

رسم الخط جي وصف جي حوالي سان اردو ٻوليءَ جي ماهر ڊاڪٽر فرمان فتحپوري ڄاڻايو آهي تہ:

''رسم الخط سے مراد وہ نقوش و علامات ہیں جنہیں حروف کا نام دیا جاتا ہے اور جن کی مدد سے کسی زبان کی تحریری صورت متعین ہوتی ہے۔ یوں بھی کہہ سکتے ہیں کہ زبان کی تحریری صورت کا نام رسم الخط ہے۔۔۔ الفاظ مرکب ہیں اصوات سے اور اصوات نام ہے ان تصاویر، خطوط اور نشانات کا جو ارتقا

کی منزلیں طے کر کے آج حروف کے نام سے ہمارے سامنے ہیں، یہی حروف جو تلفظ کے ادااور معنی کے اظہار کے لئے استعمال ہوتے ہیں اپنی مربوط صورت میں کسی زبان کا رسم الخط کہلاتے ہیں۔“ (فرمان، 1986: 47)

ڊاڪٽر فرمان فتحپوريءَ جي وضاحت ڪنهن حد تي پيرائتي آهي. حروف هجا/ تهجي يا آئيوتا ڪنهن پٽيءَ جي اکرن جي ترتيب جو نالو آهي، رسم الخط اکرن جي نمونن ۽ لکت جي انداز جو نالو آهي؛ ان حوالي سان ڊاڪٽر سهيل بخاريءَ ۽ بشير محمود اختر جي وضاحت مناسب ناهي؛ البت، پروفيسر محمد سجاد ۽ ڊاڪٽر فرمان فتحپوريءَ جي وضاحت مناسب آهي.

ڊاڪٽر بخاريءَ جي وضاحت ۾ البت هڪ نڪتو ضرور ملي ٿو ته: جڏهن رسم الخط جو واسطو لکڻ يا خطاطيءَ سان آهي، ته ’خطاطيءَ جي بنياد تي رکيل ترتيب‘ کي رسم الخط چئي سگهجي ٿو؛ اها هڪ ذاتي راءِ آهي جنهن جو ڪو پيرو ڪونهي.

مرڪب لفظ ’رسم الخط‘ بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا جو خيال برابر گس لائيندڙ آهي، صاحب موصوف ڄاڻائي ٿو ته: ”رسم الخط جي معنيٰ آهي لکت جو رواج. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته ڪنهن ملڪ يا علائقي ۾ مروج لکتون يا لِپيون. رسم الخط ۾ خاص فرق هيءُ آهي ته صورتخطي سڄي ملڪ جي ماڻهن لاءِ هڪ هوندي آهي، پوءِ اهي ماڻهو چاهي الڳ الڳ مذهب رکندڙ هجن. صورتخطي سڄي ملڪ ۾، هر قوم، هر قبيلي ۽ هر خطي جا ماڻهو اختيار ڪندا آهن. ان کي گهڻو ڪري سرڪاري حيثيت حاصل هوندي آهي. پر رسم الخط لاءِ اهو شرط لازمي نه هوندو آهي، مثال طور سنڌ ۾ جڏهن سنڌي زبان لاءِ ڪا هڪ مقرر صورتخطي ڪانه هئي، تڏهن سنڌي ٻولي سنڌ جي هندن پنهنجي نموني پئي لکي ته وري مسلمانن پنهنجي نموني؛ وري هندن ۾ به هڪ لپي ڪانه هئي، پر جدا جدا شهرن ۽ خطن جي رهاڪن پنهنجي پنهنجي لکت پئي ڪم آندي. انهن مان هر لکت کي رسم الخط چئي سگهجي ٿو. مثال طور: ٺٽي ۾ لوهاڻن هڪ رسم الخط پئي ڪم آندو ته پاڻين ٻيو. اهڙيءَ طرح سکر جي لوهاڻن هڪڙي لپي پئي ڪم آندي ته پاڻين ٻي. اهڙيءَ طرح عربن جي اچڻ وقت سنڌ ۾ سنڌي ٻولي خداوادي، شڪارپوري، لاڙائي، ونگائي، راجائي، سيوهاڻي ۽ ڏاڪٽي لهندا رسم الخط ۾ لکي ويندي هئي. اهو سلسلو انگريزي دور تائين هلندو آيو. انگريزن جي دور ۾ عربيءَ جا به وڏيڪ رسم الخط رائج ٿيا. انهن مان هڪڙو هو نستعليق رسم الخط ۽ ٻيو هو نسخ. ڪي مسلمان جن ۾ خواجه ۽ ميمڻ خاص طور پنهنجو ديوناگري نموني وارو رسم الخط استعمال ڪندا هئا، انهن ۾ ٺٽائي ميمڻ هڪ رسم الخط ڪم آڻيندا هئا ته ڏيپلي ۽ حيدرآباد جا ميمڻ پنهنجو رسم الخط ڪم

آڻيندا هئا. انهن جدا جدا لپين يا لکيتن کي صورتخطي چئي نه ٿو سگهجي، ڇاڪاڻ ته هر خطي ۾ سنڌي ٻولي ڏارڏار نموني پئي لکي وئي، انهيءَ ڪري انهن جدا جدا لکيتن يا لپين کي سنڌي ٻوليءَ جا رسم الخط چئبو.“

(الانا، 2005: 205- 206)

انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ عربي رسم الخط مان خط نسخ جو باقاعدي اطلاق ڪيو ويو، تنهن هوندي به سنڌي ٻوليءَ لاءِ مختلف رسم الخط (لپيون) استعمال ۾ پئي آندا ويا، انلاءِ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڄاڻائي ٿو ته ”ايلس واري آئيوٽا کي انگريز سرڪار باقاعدي عمل ۾ آڻائي اسڪولن ۾ عام ڪيو. حالانڪ شروعاتي دور ۾ به ڪافي لپيون/ رسم الخطون مروج هيون، جهڙوڪ: عربي- سنڌي، عربي- سنڌي ٻيو نمونو،اروڙه، خوجه (بمبئي ۽ سنڌ جي)، شڪارپوري، ڪراري، روڙي ؛ ان کان علاوه خدا آبادي، ساڪرو، ٻاٻڙا، راجائي، خواجڪو، ميمڻڪو، ٺٽائي، لاڙائي، ونگائي، سيوهاڻي، سرائي پڻ. ١٨٨٨ع ۾ جان جيڪب ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيو، تنهن صاحب ايلس واري آئيوٽا توڙي لپيءَ تي تمام گهڻو توجهه ڏنو.“ (ميمڻ، 1972: 156- 171)

ڊاڪٽر الانا صاحب ۽ ڊاڪٽر سنڌيءَ جي وضاحت مان رسم الخط بابت به اهم خيال ملن ٿا، هڪ: ڪنهن آواز لاءِ الڳ رسم الخط موجب الڳ اکرن جو تصور، ٻيو: ساڳي رسم الخط موجب، اکرن جو الڳ گهاڙيٽو. ڇو ته لکڻ جي رواج جو تعلق اکرن جي مٿيل شڪل سان به ٿي سگهي ٿو ته ان جي مختلف انداز (گهاڙيٽي) سان به!

رسم الخط جي لکڻ واري انداز جي حوالي سان ڊاڪٽر سهيل بخاري لکي ٿو ته:

”جس طرح دنیا میں طرح طرح کے رسم الخط پائے جاتے ہیں، اسی طرح ان کے طرز تحریر بھی الگ الگ ہوتے ہیں۔ کچھ رسم الخط دائیں طرف سے بائیں طرف کو لکھے جاتے ہیں، جیسے نسخ، کوفی، برہمی وغیرہ۔ کچھ بائیں طرف سے دائیں طرف کو لکھے جاتے ہیں، جیسے رومن اور دیوناگری اور کچھ اوپر سے نیچے کی طرف چلتے ہیں، جیسے چینی اور چین کے دوسرے رسم الخط۔ ان پر غور کرنے سے معلوم ہوتا ہے کہ ان کی بہت بڑی تعداد کی تحریر تحتانی یا اُفقی (پڑی) ہے اور کم تعداد ایسی ہے جس کی تحریر فوقانی یا عمودی (کھڑی) ہے۔“ (سہیل، 1988: 17)

{جهڙيءَ ريت دنيا ۾ قسمين قسمين رسم الخط هوندا آهن، اهڙيءَ ريت انهن جي لکڻ جا انداز به نرالا ٿيندا آهن. ڪي رسم الخط ساڄي کان کاٻي پاسي ڏانهن لکيا ويندا آهن جهڙوڪ: نسخ، ڪوفي، برهمي وغيره؛ ته ڪي وري کاٻي کان ساڄي پاسي، جيئن: رومن ۽ ديوناگري ۽ ڪي وري مٿان کان هيٺ، جيئن:

چيني ۽ ٻيا چيني رسم الخط! انهن ۾ گهٽو تعداد ليٽل جو ٿو رهي، جڏهن ته ايپي رسم الخط جو تعداد گهٽ آهي.}

ڊاڪٽر سهيل بخاري رسم الخط سان منسلڪ اضافي خاصيت: فن خطاطيءَ جي حوالي سان لکي ٿو ته:

”رسم الخط کی ایجاد کے ساتھ ساتھ جو انسان کی بنیادی ضرورت تھی، اس کی حسن کاری اور تزئین کا کام بھی کچھ اہم نہیں تھا۔ انسانی طبائع کی نفاست پسندی اور خوش سلیقگی نے بھی اس میدان میں اپنے جوہر دکھائے ہیں اور اس فن کو خطاطی کا نام دے کر فنون لطیفہ میں شمار کرایا ہے چنانچہ رسم الخط کے بعض بعض نام ان کی ایسی ہی مہذب شکلوں پر بھی رکھے گئے ہیں جیسے نستعلیق، خط گلزار، خط ریحان وغیرہ لیکن واضح رہے کہ یہ نام صفاتی، ثانوی اور اضافی ہوتے ہیں۔“(سہیل، 1988: 18)

{رسم الخط جي ايجاد سان گڏوگڏ، جيڪا انسان جي بنيادي ضرورت هئي، ان جي سونهن ۽ سجاوٽ جو ڪم به ڪو گهٽ اهميت وارو ڪونه هيو. انساني طبيعت جي نفاست پسنديءَ ۽ سگهڙائپ به هن ميدان ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاريا آهن ۽ هن خطاطيءَ جي فن کي فنون لطيفه ۾ شامل ڪرايو آهي ...}

رسم الخط جي هڪ اضافي خاصيت بابت ڊاڪٽر سهيل بخاري لکي ٿو ته:

”کسی زبان میں حروف الگ الگ لکھے جاتے ہیں، جیسے رومن اور سرلک وغیرہ میں۔ کسی میں ملا کر لکھے جاتے ہیں جیسے نسخ اور نستعلیق میں اور کسی میں دونوں طریقے کام میں لائے جاتے ہیں جیسے دیوناگری میں لیکن ان کے لیے کچھ اصول مقرر ہیں۔“ (سہیل، 1988: 21)

{ڪنهن ٻوليءَ جي اکرن کي الڳ الڳ لکيو ويندو آهي، جيئن: رومن ۽ سرياني وغيره؛ ڪنهن ۾ ملائي لکيو ويندو آهي، جيئن: نسخ ۽ نستعليق ۽ ڪنهن ۾ ٻئي طريقا ڪم آندا ويندا آهن، جيئن: ديوناگري ليڪن ان ۾ ڪي اصول جڙيل آهن.}

### 1.3.3. راين جي روشنيءَ ۾ رسم الخط بابت اخذ ڪيل اهم نڪتا

ڊاڪٽر الانا صاحب، ڊاڪٽر سنڌي ۽ ڊاڪٽر سهيل بخاري، بشير محمود اختر، ڊاڪٽر فرمان فتحپوري ۽ ٻين صاحبن جي ڄاڻايل حوالن ۾ ’رسم الخط‘ بابت ڏلهي ليکي ست نڪتا سامهون اچن ٿا:

#### 1.3.3.1. ساڳي ٻوليءَ لاءِ الڳ رسم الخط

ساڳي خطيءَ ۽ ساڳي ٻوليءَ لاءِ الڳ الڳ رسم الخطَ ڪم آندا ويا، جنهن ۾ مذهبي لاڙن جو عمل دخل رهيو، هندو يا انهن سان سلهاڙيل ماڻهن ديوناگري يا ان مان جڙيل رسم الخط پئي ڪم آندو ته مسلمانن وري عربي رسم

الخط يا ان مان جڙيل رسم الخط پئي ڪم آندا. هن نڪتي مان ساڳئي آواز لاءِ مختلف شڪلين ۾ رخن وارن اکرن جو تصور ملي ٿو.

هن مان ساڳئي آواز لاءِ مختلف رسم الخطن موجب اکرن يا رخن جو تصور ملي ٿو. هن نڪتي ۾ رسم الخط جي حوالي سان ٻه نڪتا ملن ٿا:

1. ساڄي کان کاٻي يا کاٻي کان ساڄي پاسي لکڻ جو انداز: جيئن عربي رسم الخط ساڄي کان کاٻي لکي ويندي آهي، جڏهن ته ديوناگري رسم الخط کاٻي کان ساڄي طرف لکي ويندي آهي: جيئن:

**عربي رسم الخط/ صورتخطي (ساڄي کان کاٻي):**

**مان پنهنجو سبق چڱيءَ ريت ياد ڪندو آهيان.**

**ديوناگري رسم الخط/ صورتخطي (کاٻي کان ساڄي):**

मां पंहिंजो सबकु चङीअ रीटि यादि कंदो आहियां।

(اُلٿو: مان پنهنجو سبق چڱيءَ ريت ياد ڪندو آهيان.)

دنيا جي تختي تي ڪافي اهڙا رسم الخط آهن جن جا عجيب و غريب رخ رکيل آهن، جيئن: چيني رسم الخطَ مٿان کان هيٺ لکي ويندي آهي؛ ديوناگري يا رومن رسم الخط/ صورتخطي وغيره کاٻي کان ساڄي طرف لکي ويندي آهي؛ جڏهن ته عربي يا برهمي رسم الخط ساڄي کان کاٻي لکي ويندي آهي. اهي رسم الخطَ مختلف ٻولين جي صورتخطين جي مزاج مطابق رکيل هوندا آهن. جڏهن انهن کان ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جي مزاج مطابق ڪم وٺڻ جي ڪوشش ڪبي آهي، ته ضرورتن مطابق ان جي اکرن ۾ ڪي ضروري سڌارا آندا ويندا آهن. ان حالت ۾ ان ڳالهه جو خيال ضرور رکيو ويندو آهي ته ان خطي جي بين رسم الخطن ۾ ڪنهن مختلف آواز لاءِ ساڳئي اکر ۾ ٽڪراءُ نه رهي. جيئن: سنڌيءَ ۾ 'ڪ' ته اردوءَ ۾ 'ک'؛ جڏهن ته اردوءَ واري 'ک' (ڪاف) کان سنڌيءَ ۾ 'کي- کٽ' وارو آواز ورتو ويندو آهي. ساڳئي خطي ۾ ساڳين اکرن کان مختلف آواز وٺڻ واري عمل کان ڪنارو ڪرڻ کپندو هو.

ڪجهه وقت سنڌي ميڊيا تي اهو بحث به عام رهيو ته سنڌي ٻوليءَ کي رومن رسم الخط ۾ لکيو وڃي، ان سان سنڌي ٻولي دنيا جي گولي تي وڏو مان ماڻيندي! پر اصل مسئلو درست صورتخطيءَ جو آهي، جڏهن عربي صورتخطيءَ ۾ ئي سڌارا نه آڻي سگهيا آهيون، ته پوءِ رومن رسم الخط ۾ ته ڪافي سڌارن جي ضرورت آهي.

2. مختلف رسم الخطن موجب اکرن جي مختلف شڪل. جيئن: هڪ آواز

ڪي سنڌ جي مختلف خطن ۾ مختلف رسم الخط/ آئيويٽا موجب مختلف اکر يا اکر جي ڀير سان لکيو ويندو هو. مثلاً: موجوده ٻہ — چپوڻ آواز ’ب‘ ڪي مختلف اندازن سان لکيو ويندو هو، عربي خط موجب: ب/ ب، ديوناگري خط موجب: ब / ব، وغيره.

سنڌي ٻوليءَ لاءِ جيڪي ٻہ اهم رسم الخط ڪم آندا پئي ويا، تن ۾ ديوناگري ۽ عربي رسم الخط اهم رهيا آهن. سنڌ جا جيڪي ٻہ مقامي رسم الخط ڪم آنديا پئي ويا تن جو بنياد ديوناگري ئي هيو؛ ان بعد عربيءَ جو دؤر رهيو، جنهنڪري عربي رسم الخط پنهنجيون پاڙون پڪيون ڪندو ويو. ٻنهي رسم الخطن جي اثر جو خاص سبب مذهبي ويجهڙائپ هئي. انگريزن جي دؤر ۾ ٻنهي رسم الخطن جي خصوصيتن جي تڪ تور بعد عربي رسم الخط کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ بهتر ڄاتو ويو، جنهن مان موجوده عربي- سنڌي رسم الخط جو تعيّن ڪيو ويو.

اسان وٽ ديوناگري لپيءَ جي بنياد مان ورتل رسم الخط/ آئيويٽائون، يا ديوناگريءَ مان ڦُٽل رسم الخط، جن جي اکرن واري روپ ۽ انداز جي بنيادي نمونن ۾ ڪا نہ ڪا هڪجهڙائي هجي، تہ اهڙن آئيويٽائن ۾ ساڳئي اکر جي لکڻ جي مختلف انداز يا ڍنگ لاءِ لِپي يا رسم الخط وارو اصطلاح ڪم آندو ويندو آهي جيئن: گورمکي، بنگلا، ميمڻڪي، يا لُنڊن اکرن واري رسم الخط وغيره.

### 1.3.3.2. ساڳي رسم الخط موجب اکرن جي مٿيل صورت

مختلف خطن جي رهاڪن پنهنجي پنهنجي لکت پئي ڪم آندي، جن جي بنيادي رسم الخط ساڳي هئي؛ ليڪن اکرن جي صورت مَٽ هئي، انهن مان ساڳي ٻوليءَ لاءِ لکجندڙ مختلف اکرن جي هر لکت لاءِ رسم الخط جو اصطلاح ڪم آڻبو. هن نڪتي مان ساڳي ٻوليءَ لاءِ ساڳئي رسم الخط ۾ اکرن جي مٿيل صورت سامهون اچي ٿي.

هن نڪتي مان ساڳي ٻوليءَ لاءِ ساڳي رسم الخط ۾ اکرن جي مٿيل شڪل سامهون اچي ٿي. هن نڪتي مان ٻہ ويچار نڪرن ٿا:

1، بنيادي رسم الخط مان ڪي رسم الخطَ هجڻ جن جي اکرن جي شڪل ۾ فرق هجي؛ جيئن: ٺٽي ۾ لوهاڻن ۽ ڀاٽين الڳ الڳ رسم الخط پئي ڪم آندا، جن جي مڙني اکرن ۾ فرق هيو. ياد رهي انهن جي رسم الخط جو بنياد، ساڳيو ديوناگري هيو.

2، بنيادي رسم الخط مان ڪنهن ساڳي رسم الخط جو هجڻ جن جي ڪن اکرن جي شڪل ۾ فرق هجي؛ جيئن:

| موجوده | ابوالحسن موجب | آخوند عبدالرحيم | ڊاڪٽر ٽرمپ | آخوند گل محمد |
|---|---|---|---|---|
| ڏ | ڏ | ڏ | ڏ | ڏ |
| ڍ | ڊ | ڏه | ڏه | ڍ |

1853ع کان بنيادي عربي رسم الخط مان سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ رسم الخط مقرر ڪيو ويو ليڪن ڪافي عالمن ۽ ڪاتبن ان سان اختلاف رکندي ساڳئي مقرره رسم الخط ۾ سڌارن جي خيال کان ڪي اکر تبديل ڪيا ۽ چند ڪتاب پڻ انهن مثيل اکرن سان ڇپايا، جن ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ جو 'شاهه جو رسالو' آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جو ڪتاب 'جواهر لغات سنڌي اڪيچار' ۽ آخوند گل جو 'ديوان گل' وغيره ڳڻي سگهجن ٿا. اهڙي قسم جي مثيل اکرن جي شڪل سان به، ان کي سنڌي رسم الخط ۾ شامل ڪبو. ڇاڪاڻ ته اهي نه رڳو فرد واحد هئا پر هڪ استاد جي حيثيت ۾ پڻ عام جي نظر ۾ منظور نظر هئا.

هن نڪتي جي وضاحت ۾ وڌيڪ ائين به چئي سگهجي ٿو ته 'ڪنهن وقت ۾ رائج مخصوص رسم الخط جي اکرن جا روپ، جيڪي وقت سر مٽبا رهيا هجن'؛ جيئن: عربي- سنڌي اکرن جا نمونا مختلف دؤرن ۾ مختلف صورتن مان مرحلا طئہ ڪري موجوده صورت اختيار ڪئي اٿن. ابوالحسن جيڪي اکر ترتيب ڏنا هئا تن ۾ 'ج' ۽ 'گ' جا موجوده اکر ڪونہ هئا. ايلس واري آئيوٽا ۾ ٽ، ڇ جا اکر ڏنل هئا، جنهن کي بعد ۾ مشن هائوس جي هارون لوهار مٽائي هڪ چارٽ ذريعي رواج ۾ آندو. سنڌي ٻوليءَ جي پهرين صاحب ديوان آخوند گل محمد گل به پنهنجي ترتيبيل آئيوٽا ۾ 'ڏ' (ڏ) ۽ وسرڳن (ج، گ وغيره) جا اکر مختلف رکيا هئا. آخوند عبدالرحيم عباسي ۽ ڊاڪٽر ٽرمپ به عربي- سنڌي اکرن جا نمونا نرالا رکيا هئا، خاص طور گهُٽا وينجن. اهي جيڪڏهن پنهنجي وقت ۾ وقتي به رائج رهيا هجن ها يا رائج ڪيا ويا هجن ته ان کي به رسم الخط جي زمري ۾ آڻبو- ان کان علاوه اردو جي اکرن به، وقت سر مختلف صورتن بعد موجوده صورت اختيار ڪئي آهي؛ جيئن اردو دکنيءَ ۾: 'ٹ' لاءِ 'ٿ' يا 'ڈ' لاءِ 'ڐ' ڪم آندو ويندو هو. پراڻا ڪتاب، جيڪي مدي خارج اکرن سان لکيل آهن، تن کي (خط نسخ يا نستعليق کان سواءِ) سندن دؤر جي رسم الخط يعني ان وقت اکرن جي روپ کي ڏسي چئبو ته اها ان وقت جي رسم الخط آهي. دؤر حاضر ۾ به سنڌيءَ ۾ 'ھ' اکر جا پنج روپ يا اردو لاءِ 'ھ' جو بحث هلندو رهندو آهي ته فلاڻي لفظ ۾ وينجن اکر لاءِ 'هي هوز' يعني 'لاہور' واري 'هي' ڏيڻ گهرجي وغيره، اهو سڄو بحث رسم الخط ۾ ايندو.

### 1.3.3.3. ساڳئي خطي ۾ ساڳئي اکر جا مختلف آواز هجڻ

مختلف ٻولين لاءِ ساڳي رسم الخط مان جوڙيل رسم الخطن ۾ ساڳيءَ شڪل جي اکرن مان مختلف آوازَ ونڻ وارو تصور هجڻ بہ هن اصطلاح سان سلهاڙيل آهي. هن نڪتي مان ساڳئي ملڪ/ خطي ۾ مختلف رسم الخطن ۾ ساڳئي اکر جي شڪل، مختلف آوازن لاءِ هجڻ آهي.

هن نڪتي مان ساڳئي ملڪ/ خطي ۾ مختلف رسم الخطن ۾ ساڳئي اکر جي شڪل، مختلف آوازن لاءِ هجڻ آهي؛ جيئن:

ڇ = سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ڇ' جو وسرڳ آهي.

ڇ = بلتي ٻوليءَ ۾ 'ڪَرَ' (پهريون ساڪن، ٻيو متحرڪ) جو آواز آهي.

جيئن تہ عربي رسم الخط مان مختلف آئيويٽائون جوڙيون ويون آهن، جهڙوڪ فارسي، سنڌي، اردو، بلوچي، پشتو، بلتي، شينا، خوار، گائوري، پهاڙي، وخي، ترڪي، هؤسا وغيره. سنڌيءَ ۾ ڪم ايندڙ خط نسخ سان ڇئن ٽٻڪن وارو اکر 'ڇ'، سنڌي توڙي اردوءَ ۾ ڪم ايندڙ آواز 'ڇ' جو وسرڳ آهي، جڏهن تہ ساڳيو 'ڇ' جو اکر خط نسخ سان، بلتي آئيويٽا موجب 'ڪَرَ' آواز جو اکر آهي.

اسان وٽ سنڌيءَ ۾ عربي طرز وارو رسم الخط نسخ جو بنياد ۽ اردوءَ لاءِ فارسي طرز جي لکت جي پيرَ وارو رسم الخط نستعليق جو بنياد ساڳئي عربي رسم الخط مان آهي؛ سنڌي ۽ اردو جي رسم الخطن ۾ فرق صرف لکڻ جي انداز ۽ پيرَ جو بہ نہ آهي، ليڪن اکرن جي شڪلين جو بہ آهي. مثلاً هڪ ٻيڙيءَ جي گهر مان مختلف ٻولين ۾ مختلف آوازن لاءِ مختلف اندازن سان اکر لکيا وجن ٿا، جيئن:

| سنڌي رسم الخط موجب | اردو رسم الخط موجب | سنڌي آواز موجب |
|---|---|---|
| ٽ | ٹ | ٿ |
| ک | ک | ڪ |

### 1.3.3.3.1. عربي رسم الخط مان مختلف ٻولين لاءِ ٺاهيل رسم الخط

عربي رسم الخط خود ڪافي مرحلن بعد موجوده صورت ۾ آيو آهي. ان حوالي سان ڊاڪٽر ممتاز پناڻ صاحب لکي ٿو تہ: ”الف- ب- ث صورتخطي بہ فنيقين جي ايجاد آهي. جن سينا جي هئروگلف لکت کي سڌاري،انهيءَ مان 22 نشان ناهي ورتا. اهي 22 نشان آرامي ۽ يوناني ٻولين ۾ داخل ٿي ويا، يوناني ٻوليءَ مان اهي ليٽن کي مليا، جا هاڻي سيني يورپي ٻولين جي ماءُ سمجهي وڃي

تي." (پنهور، 2009: 271- 277) آرامي رسم الخط کان عربيءَ جي سفر بابت اردو جو پروفيسر سيد محمد سليم ان سلسلي ۾ لکي ٿو ته:

"خطِ آرامی کو عرب میں قوم سبا نے رائج کیا۔ قوم سبا جنوبی عرب میں یمن کے علاقے میں حکمران رہی ہے۔ اس کا زمانہ ایک ہزار سال قبل مسیح کا ہے۔ ملکۂ سبا اور حضرت سلیمان علیہ السّلام کا قصہّ قرآن مجید میں مذکور ہے۔ یمنی عربوں کی زبان حِمیری کہلاتی تھی۔ ایک لحاظ سے وہ عربی زبان کی بڑی بہن تھی۔ اہل سبا کو اپنی زبان آرامی خط میں لکھنے کے لیے آرامی حروف میں توسیع کی ضرورت محسوس ہوئی۔ انہوں نے آرامی حروف میں مزید چھ حروف کا اضافہ کیا۔ ث، خ، ذ، ض، ظ، غ، عربی زبان میں ان کو حروف روادف کہا جاتا ہے۔ اہل سبا نے یہ حروف بعض آرامی حروف کے ہم شکل بنائے ـ۔۔ ہم شکل حروف کا اضافہ کرنا در حقیقت ایک انقلابی قدم تھا۔ اس طرح نئے حروف وضع کرنے کا ایک قاعدہ بنا لیا گیا جس پر بعض دوسری اقوام نے بھی عمل کیا۔" (سلیم، ۱۹۸۱: ۲۵)

جهڙي نموني عربن، آرامي رسم الخط ۾ ساڳي شڪل جي اکرن کي ٽٻڪن وڌائڻ سان پنهنجو 28 اکري رسم الخط جوڙيو، اهڙي نموني ٻين ٻولين به ساڳين بنيادي اکرن ۾ ٽٻڪن ۽ چند واڌارن سان پنهنجي ٻوليءَ جي لکتي گهرجن کي پوري ڪرڻ لاءِ نرالن اکرن جو واڌارو ڪيو. جن ٻولين عربي رسم الخط کي بنياد بڻائي پنهنجا نرالا رسم الخط بڻايا تن ۾ هيٺيان رسم الخط قابل ذڪر آهن:

فارسي، سنڌي، هندستاني/اردو، بلوچي، پشتو،سرائڪي، گائوري، هندڪو، بلتي، گوجري، پهاڙي، شنا، ڪوار، وخي، ترڪي، تاتاري، هؤسا، ملائي وغيره.

مذڪوره مڙني ٻولين لاءِ متعين ڪيل مختلف آئيوٽائن ۾ خاص ڳالهه مختلف اکرن جون شڪليون آهن؛ جن کي رسم الخط جي اصطلاح ۾ آٽبو.

### 1.3.3.3.2. عربي- سنڌي رسم الخط جي مختلف خطن موجب رسم الخط (اکرن جي مٽيل انداز موجب)

سنڌ ۾ عربي- سنڌي رسم الخط جو، خط نسخ موجب، باضابطه طور تي اطلاق انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ ڪيو ويو. ان کان اڳ خاص طور تي ميرن جي دؤر حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لکت لاءِ جيڪو خط استعمال ڪيو ويندو هو سو تعليق ۽ نسخ جي خطن مان جوڙيل، نستعليق هو. سنڌ جي ڪافي پراڻن ڪتابن توڙي ڪتبن تي اڄ به اهي آثار ثابتيءَ سان ملن ٿا.

### 1.3.3.4. ساڳئي رسم الخط ۾ ساڳين اکرن جي لکڻ جو مٽيل پير/ انداز

انگريزن جي دور کان اڳ يا پوءِ سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربيءَ جا به وڏيڪ

رسم الخط رائج هئا، جن ۾ اکرن جي شڪل ساڳي هئي، ليڪن لکڻ جو انداز مٽ هيو، انهن مان هڪڙو هو نستعليق ۽ ٻيو هو نسخ رسم الخط. هن نڪتي مان ساڳي رسم الخط ۾ ساڳين اکرن سان، اکرن جي لکڻ جو مٿيل ڀير/ انداز سامهون اچي ٿو.

هن نڪتي مان اهو خيال اپري ٿو ته انگريزن جي وقت ۾، سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربيءَ جا ٻه رسم الخط: 'نستعليق ۽ نسخ' رائج هئا، يعني آئيويٽا/ الف- بي جا اکر ساڳيا هئا، ليڪن انهن جي لکڻ جو ڀيرُ مٿيل هو.' جيئن: ب- ب

سنڌي ٻولي انگريزن جي شروعاتي دؤر ۾ نستعليق واري خط ۾ به لکي ويندي هئي، بعد ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي- سنڌي صورتخطيءَ کي بهتر ڄاتو ويو؛ ڇاڪاڻ ته نستعليق موجب ڪن لفظن ۾ اکر جي گهَر (هيئت) جي حد واضح ٿي، ڪانه ٿي بيهي، جڏهن ته نسخ ۾ هر اکر جي گهَر جي حد واضح ٿي بيهي ٿي. جنهن حالت ۾ قرآن پاڪ لاءِ خط نسخ کي بهتر ڄاتو ويو، ان سببان سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ کي لکڻ لاءِ به خط نسخ کي بهتر ڄاتو ويو.

### 1.3.3.5. رسم الخط ۾ اکرن کي ملائي يا الڳ لکڻ يا ٻئي اصول واپرائڻ

رسم الخط جي حوالي سان اهو نڪتو به نوٽ ڪيو ويو آهي ته ڪنهن رسم الخط جي قائدي موجب اکرن کي ملائي لکيو ٿو وڃي ته ڪن اکرن کي الڳ الڳ لکيو ٿو وڃي، ته ڪن ۾ وري ٻئي اصول لاڳو ٿين ٿا. هن نڪتي مان رسم الخط جي قائدي موجب اکرن کي ملائي يا الڳ الڳ لکڻ يا ٻئي اصول رکڻ وارو تصور ملي ٿو.

دنيا جا سڀ رسم الخط لکت ۾ اکرن جي ملائي لکڻ يا الڳ لکڻ وارا ٻئي اصول ڪم آڻڻ ۾ ڪافي محتاط هوندا آهن، هن حوالي سان هيٺيان ٽي تصور سامهون اچن ٿا:

#### 1.3.3.5.1. ڪنهن رسم الخط ۾ ملائي لکڻ جو تصور

عام طور تي عربي رسم الخط موجب خط نسخ ۽ نستعليق وغيره ملائي لکيو ويندو آهي، ليڪن ان ۾ به ڪي اصول رکيل آهن. هن خط موجب گهڻي قدر ڪنهن اکر جون چار صورتون ٿين ٿيون، جنهن سبب گڏي لکڻ ممڪن ٿي سگهيو آهي؛ ليڪن ڪي اکر اهڙا به آهن جن جون صرف ٻه يا ٽي صورتون ٿين ٿيون. يعني ڪي اکر متصّل ۽ ڪي وري منفصل آهن.

**اهي بنيادي منفصل حرف جن جون چارئي صورتون نه ٿينديون آهن:** ا، ء، د، ر، و. (هن ۾ ا، د، ڌ، ڏ، ڊ، ڍ، ذ، ر، ڙ، ز ۽ و اچي وڃن ٿا)

**اهي بنيادي متصّل حرف جن جون چارئي صورتون ٿين ٿيون:** ب، ف، ج، جهہ، س، ص، ط، ع، ڪ، ک، گ، گهہ، ل، م، ن، ڻ، ه، ي. (هن ۾ ٻ، ڀ، ت، ٿ، ٽ، ث، پ، ڦ، ڄ، ڃ، چ، ڇ، ح، خ، جهہ، ش، ض، ظ، غ، گ، ڳ، گهہ، ڱ اچي وڃن ٿا)

شروع ۾ آرامي خط جا ابجدي اکر ڌار ڌار لکيا ويندا هئا، جن کي بعد ۾ گڏي لکڻ جو رواج نبطي قوم وڌو. پروفيسر محمد سليم عربي رسم الخط جي حوالي سان ڄاڻائي ٿو تہ: ” ... نبطي قوم جي ليکي ۾ جيڪو قدم وڏيڪ اهميت جو حامل آهي، سو آهي اکرن کي گڏي مرڪب شڪل ۾ لکڻ! انهن ئي اکرن جي ترڪيب جي ذريعي موصول (ڳنڍيجندڙ) ۽ غير موصول اکرن جي ڄاڻ ڏني وئي. جنهن سبب لکڻ هڪ اهم فن جي حيثيت وٺي چڪو.“ ( سليم، 1981: 26)

هن خط موجب لفظن جي وچ ۾ هڪ اکر جي وٿي رکي ويندي آهي، جنهن سان الڳ لفظ جو تصور سامهون اچي ٿو، ان کان علاوه ڪافي لفظ منفصل اکرن سبب ٽوڙي پڻ لکڻا پوندا آهن؛ جيئن:

**متصّل اکرن سان:** هي تنهنجو ڪڪڙ، شڪل شبيهہ ۾ سهڻو ۽ پلو لڳي ٿو.

**منفصل اکرن سان:** اهي دل جون ڳالهيون، مڙني سان نہ ڪري سگهبيون آهن.

بهرحال عربي رسم الخط موجب يا عربي رسم الخط مان جوڙيل رسم الخطن ۾ ڪنهن اکر جون وڌ ۾ وڌ چار صورتون هجڻ سبب هن کي گڏي لکڻ ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

### 1.3.3.5.2. ڪنهن رسم الخط ۾ الڳ الڳ حرفن لکڻ جو تصور

عام طور تي رومن رسم الخط الڳ الڳ لکي ويندي آهي؛ انگريزي ٻولي لکڻ لاءِ پڻ رومن رسم الخط کي ڪم آندو ويندو آهي. هن رسم الخط ۾ خطاطيءَ جي لحاظ کان چار آئيوٽائون ڳٽيون ۽ سيڪاريون ويندي‌يون آهن:

**وڏي ۽ ننڍي اي. بي. سي:** ڪنهن لکت ۾ اي. بي. سي جا وڏا اکر (Capital letters) ڪم آندا ويندا آهن. ٻيءَ صورت ۾ جملي جي شروعات ۽ اسم خاص جي لفظن جا پهريان اکر وڏا لکيا ويندا آهن. هي ٻئي ڪتابي سڏبيون آهن، جيئن:

- ✓ A STUDY OF ARABIC-SINDHI ALPHABET AND ORTHOGRAPHY
- ✓ <u>In</u> about 1700 A.D <u>‘Makhdoom Abul Hassan Sindhi’</u> compiled an <u>Arabic- Sindhi</u> alphabet to educate the

students of that time regarding Islamic education. Then, he wrote a book 'Muqatmat-ul-Salwat' to develop Sindhi orthography in Arabic-Sindhi script

**گلن واري ۽ گڏيل اي. بي. سي:** عام طور تي لکڻ جي حوالي سان وڏي (گلن واري) ۽ ننڍي (گڏيل) اي. بي. سي سڄاتي ويندي آهي، جنهن جو عام استعمال ڪتاب ۾ نه بلڪ، لکڻ سان آهي؛ هن جي لکڻ جي مشق وغيره ۾ عام طور، اکرن جي پير ڪي پاسيرو (Italic) لکيو يا سيڪاريو ويندو آهي. جيئن:

**گلن واري اي. بي سي جو نمونو:**

*A B C D E F G H I J K L M*
*N O P 2 R S T U V W X Y Z*

**گڏيل اي.بي. سي وارو نمونو:**

✓ *A study of Arabic-Sindhi alphabet and orthography.*

**گلن واري ۽ گڏيل اي.بي.سي:**

✓ 

ان ڪان علاوه، ڪتابي لکت ۾ به پاسيري لکت (Italic) ڪنهن لفظ يا فقري کي نمايان (Highlight) ڪرڻ لاءِ پڻ ڪم آندي ويندي آهي.

### 1.3.3.5.3. ڪنهن رسم الخط ۾ الڳ ۽ ملائي لکڻ- ٻنهي نمونن جو تصور

عام طور تي ديوناگري رسم الخط ملائي لکي ويندي آهي. ڪنهن لفظ جي حد متعيّن ڪرڻ لاءِ لفظ جي مٿان ليڪ ڏني ويندي آهي پر جيئن ته ديوناگري اکرن جي صرف هڪ صورت ٿيندي آهي، تنهنڪري ان کي الڳ الڳ ڪري ئي لکيو ويندو آهي، جڏهن ته ٻئي آواز جي صورت ۾ ساڳئي آواز جي اڌ صورت پڻ لکي ويندي آهي، جنهن بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته گڏي به لکي ويندي آهي؛ جيئن:

#### 1.3.3.5.3.1. اکر الڳ الڳ لکڻ جو تصور

मां पंहिंजो सबकु चङीअ रीति यादि कंदो आहियां।

(اُلٿو: مان پنهنجو سبق چڱيءَ ريت ياد ڪندو آهيان.)

#### 1.3.3.5.3.2. اکر ڳنڍي لکڻ جو تصور

ڪچّو ، कच्चो ، ننڍو ، नन्ढो ، مَکِّ ، मख्ख ، مَتِّ ، मत्त وغيره.

مٿين رسم الخط جي ملائي لکڻ يا الڳ لکڻ واري اپٽار جو مرڪز وري به 'اکر جي صورت' تي رهيو، جنهن بنياد تي چئجي ٿو ته ڪنهن رسم الخط ۾ اکرن کي ڳنڍي لکجي ٿو ۽ ڪنهن رسم الخط ۾ اکرن کي الڳ الڳ لکجي ٿو ته ڪنهن ۾ وري ٻئي تصور آهن.

هر رسم الخط جي حوالي سان اهو نوٽ ڪيو ويو آهي ته متعلقہ رسم الخط ۾ اکرن جي ملائي يا الڳ لکڻ جو سبب اکرن جون صورتون هونديون آهن. پوءِ ڪن اکرن جون ٻہ، ڪن جون ٽي، ته ڪن جون چار، ته ڪي وري وڌي به وينديون آهن، جنهن جو مدار خطاطيءَ جي اصولن تي هوندو آهي. <u>هن نڪتي مان مراد ڪنهن رسم الخط ۾ ڪم ايندڙ اکرن جون مختلف صورتون آهن.</u>

### 1.3.3.6. هر رسم الخط ۾ اکرن جون مقرر صورتون هجڻ

هر رسم الخط جي حوالي سان اهو نوٽ ڪيو ويو آهي ته متعلقہ رسم الخط ۾ اکرن جي ملائي يا الڳ لکڻ جو سبب اکرن جون صورتون هونديون آهن. پوءِ ڪن اکرن جون ٻہ، ڪن جون ٽي، ته ڪن جون چار، ته ڪي وري وڌي به وينديون آهن، جنهن جو مدار خطاطيءَ جي اصولن تي هوندو آهي. <u>هن نڪتي مان مراد ڪنهن رسم الخط ۾ ڪم ايندڙ اکرن جون مختلف صورتون آهن.</u>

هر رسم الخط ۾، ڪن سببن کي سامهون رکي، اکرن جون ڪي مقرر صورتون جوڙيون وينديون آهن، بنيادي طور تي اسان جي خطي ۾ ٽي رسم االخطَ: عربي، ديوناگري ۽ رومن (انگريزي) عام آهي. هن نڪتي ۾ مذڪوره ٽنهي رسم الخطن جي اکرن جي صورتن بابت مختصر ويچار پيش ڪجن ٿا:

#### 1.3.3.6.1. عربي رسم الخط جي اکرن جون صورتون

عربي مان ورتل رسم الخطن جي اکرن ۾ اڪثر ساڳيون صورتون ئي ورتيون وينديون آهن، جيڪي اصولي طور تي عربيءَ ۾ ڪم اچن ٿيون. عام طور تي عربي اکرن جون بنيادي طور تي چار صورتون ٿين ٿيون، پر ڪن اکرن جي صورتن ۾ گهٽتائي ۽ وڌاءُ به ٿئي ٿو، جيئن:

**چئن صورتن وارا:** ب، ٻ، ج، چ، م، ن وغيره؛

ٽن صورتن وارا: ء (همزو).

ٻن صورتن وارا: 'الف، د، ر، و' وغيره.

هڪ صورت وارا: ه، ـه، ـ (مختفي ه جا قسم)

وڌيڪ صورت وارا: هـ (ملفوظي) جون چار صورتون: ﮪ (وسرڳي) جون ٻه صورتون.

ڄاڻايل اکرن مان ڪي متصّل ته ڪي وري منفصِل اکر سڏبا آهن، جن کي الڳ يا ملائي لکڻ جي اصولن تحت توريو ويندو آهي.

1.3.3.6.2. **ديوناگري رسم الخط جي اکرن جون صورتون**

ديوناگريءَ ۾ گهٽي قدر اکر جي هڪ صورت کان ڪم ورتو ويندو آهي، ٻي صورت ڪم آڻڻ جي سببن ۾ صوتياتي (Phonetics) تفريق هوندي آهي. فرض ڪريو ته ڪنهن لفظ ۾ 'گڏيل آواز' ٿئي ٿو ته ان صورت ۾ 'شدّ' جي جڳهه تي پهرئين ساڪن آواز لاءِ اڌ اکر ڪم آندو ويندو ۽ ٻئي متحرڪ اکر لاءِ پورو اکر! تنهنڪري چئي سگهبو ته:

- ➤ عام طور اکر جي هڪ صورت ڪم آندي ويندي آهي، جيئن: भोलो (ڀولو)
- ➤ صوتياتي تفريق سبب اکر جي اڌ صورت ڪم آندي ويندي آهي. कच्चो (ڪچو)

1.3.3.6.3. **رومن رسم الخط جي اکرن جون صورتون:**

رومن/ انگريزي رسم الخط جي اکرن جي صورتن ۾ گهٽي قدر چار صورتون شمار ڪيون وينديون آهن، ليڪن انهن جو ڪردار عربي صورتن وارو ڪونهي: جيڪڏهن اهڙي تشبيهه جوڙڻي پوندي ته پوءِ انگريزي رسم الخط جون صرف ٻه صورتون ڳڻيون پونديون.

## 1.3.3.7. خطاطيءَ موجب اکرن جي ترتيب کي رسم الخط چوڻ

ڊاڪٽر سهيل بخاري رسم الخط کي حروف تهجي جي نظام جو نالو ڏئي ٿو، جنهن مان اهو خيال اڀري ٿو ته جيئن ته رسم الخط جو واسطو خطاطيءَ سان آهي، ان صورت ۾ <u>خطاطيءَ موجب اکرن/ حرفن جي ترتيب کي رسم الخط چئي سگهجي ٿو.</u>

هن نڪتي مان خطاطيءَ موجب اکرن/ حرفن جي ترتيب کي رسم الخط جو تصور ملي ٿو. ڊاڪٽر سهيل بخاريءَ صاحب خيال ڏيکاريو آهي يا اردو ماهرن جي عام راءِ يا خيال اهو هوندو آهي ته رسم الخط مان مراد 'حروف تهجي' يا

آئيويٽا جي ترتيب هوندي آهي. جڏهن تہ مستند راين موجب ’حروف تهجي‘ يا آئيويٽا مان مراد اکرن/ حرفن جي ترتيب هوندي آهي ۽ رسم الخط جو اصطلاح صرف لکڻ جي انداز يا رواج لاءِ ڪم آڻڻ گهرجي/ ڪم ايندو آهي.

ڊاڪٽر سهيل بخاريءَ جي خيال ڪي تورڻ سان هڪ گنجائش اها نڪري ٿي تہ رسم الخط اصطلاح جو سڌو لاڳاپو خطاطيءَ سان آهي، نہ ڪي آواز يا ڳالهائجندڙ ٻوليءَ سان! ٻولين جون آئيويٽائون مختلف رخن ڪان رکيون ويندريون آهن، جنهن ۾ مخرجوار ۽ اکرن جي شڪل- وار ترتيب رکي ويندي آهي. جنهن صورت ۾ عربيءَ جي آخري ترتيب ’ابتث‘ تي رکي وئي ۽ ان ئي ترتيب کي سامهون رکي اردو آئيويٽا ترتيب ڏني وئي، جنهن ۾ اکرن ۽ ٽبڪن جي لکڻ واري ترتيب جو ڌيان رکيو ويو، جنهن ۾ آوازن جي ترتيب ڏانهن ڪوبہ توجهہ نہ ڏنو ويو؛ رسم الخط جي اهڙيءَ ترتيب کي ڏسي ڪري، لاچار رسم الخط جو نالو ڏئي سگهجي ٿو:

ا ب پ ت ٹ ث ج چ ح خ د ڈ ذ ر ڑ ز ژ س ش
ص ض ط ظ ع غ ف ق ک گ ل م ن و ہ ئ ی ے

ٻيءَ صورت ۾ آئيويٽا/ الف- بي/ پٽي/ حروف تهجي/ الفباء جو لاڳاپو ترتيب سان آهي.

مذڪوره ستن نڪتن جا مختلف پهلو، اصطلاح ’رسم الخط‘ جي وصف يا دائري ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا؛ البت ستون نڪتو اصولي طور ’رسم الخط‘ جي دائري ۾ نہ ٿو اچي، ليڪن ان بابت اهو خيال ڪري سگهجي ٿو.

## حاصل مطلب

سنڌي رسم الخط موجب متي ڄاڻايل نڪتن جو نچوڙ هن ريت بيهي ٿو:

1. رسم الخط مان مراد لکڻ جو مروج انداز يا ڍنگ آهي، هن اصطلاح ۾ اکر جي شڪل ۽ ان جون مختلف صورتون ۽ لکت جي رخ وارو انداز شامل آهي؛ هن جو تعلق اکر ڪان ونئي صورتخطيءَ سان رهي ٿو. جڏهن تہ الف- بي/ آئيويٽا مان مراد صرف اکرن جي ترتيب آهي.
2. هنديءَ ۾ لِپي ۽ انگريزيءَ ۾ Script لفظ ڪم آندو وجي ٿو، لِپيءَ جو دائرو ساڳيو رسم الخط وارو آهي؛ ليڪن انگريزي لفظ جو دائرو، ڪافي مرادن لاءِ هجڻ سبب وسيع آهي.
3. سنڌي ٻوليءَ لاءِ مختلف رسم الخطن/ صورتخطين: خاص طور ديوناگريءَ ۽ عربيءَ جو استعمال رهيو آهي.

4. ساڳي عربي- سنڌي رسم الخط موجب مختلف دؤرن ۾ اکرن جا روپ يا شڪل مٽ رهيا آهن.
5. عربي- سنڌي رسم الخط موجب چند اکرن جي ساڳي شڪل ڪان هن خطي جي ٻين عربي رسم الخط مان جوڙيل رسم الخطن ۾ الڳ آوازن جو ڪم ورتو ويو آهي.
6. عربي- سنڌي رسم الخط مختلف وقتن تي مختلف خط موجب لکبي رهي آهي، جهڙوڪ: خط نسخ ۽ خط نستعليق.
7. ديوناگري رسم الخط، جيڪا کاٻي کان ساڄي لکي ويندي آهي، تنهن ۾ ضروري اکرن/ علامتن جو اضافو ڪري، سنڌي صورتخطيءَ لاءِ ڪم آندي وئي؛ جڏهن ته عربي رسم الخط، جيڪا ساڄي کان کاٻي پاسي لکي ويندي آهي، ضروري اضافا آڻي سنڌي صورتخطيءَ لاءِ ڪم آندي وئي. هن وقت ٻئي رسم الخط، سنڌي صورتخطيءَ لاءِ ڪم آندا وڃن ٿا.

## حوالا/ ذريعا


- **الانا، غلام علي، ڊاڪٽر** (2005) سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
- *بخاری سہیل ڈاکٹر* (1988)اردو رسم الخط کے بنیادی مباحث. مقتدرہ قومی زبان اسلام آباد.
- **بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر** (1988) جامع سنڌي لغات، جلد: پنجون. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- **پناڻ، ممتاز، ڊاڪٽر** (2009) *صورتخطيءَ جي ارتقا. سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون.* مرتب: خان محمد جروار. جلد: 4، ص: 271- 277. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **جڙياسنگهاڻي، سترامداس سائل، پروفيسر** (2009) سائل ڪوش، ڇاپو: ٻيون- ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد
- **جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر** (2007) سنڌي زبان جي ماهيت- سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد-
- **سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر** (1980) تحقيق لغات سنڌي- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
- *سید محمد سلیم پروفیسر* (1981)۔اردو رسم الخط۔ مقتدرہ قومی زبان کراچی.
- *اختر،بشیر محمود* (1989)مقدمہ،اردو رسم الخط (انتخاب مقالات) مرتب: شیما مجید۔ ص:7۔13،اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان۔
- *مرزا، محمد سجاد، پروفیسر* (1989)اردو رسم الخط، مختصر تاریخ مع تجاویز اصلاح۔ اردو رسم الخط (انتخاب مقالات)مرتب:

شیما مجید۔ ص:157- 175۔اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان۔

- فتحپوری، فرمان، ڈاکٹر (1986)تدریس اردو۔ مقتدرہ قومی زبان اسلام آباد_
- **پنهور، ممتاز، ڊاڪٽر** (2009) *صورتخطيءَ جي ارتقا. سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون.* مرتب: خان محمد جروار. جلد: 4، ص: 271- 277. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **ميمڻ عبدالمجيد سنڌي** (1972) ديوان گل ۽ خليفو گل محمد هالائي. ايڊيٽر: غلام محمد گرامي- ٽماهي مهراڻ- 21 (2). 156- 171. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- **Platts, John T.** [1911] 2003. A Dictionary of Urdu, Classical Hindi and English. Lahore: Sang e meel Publications.